SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XVI، مجريہ 1973

SINDH ACT NO.XVI OF 1973

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ مجريہ 1973

THE SINDH PUBLICE SERVICE COMMISSION ACT, 1973

فهرست (CONTENTS)

تمهيد

دفعات

1. مختصر عنوان ۽ آغاز
2. تعريفات
3. ڪميشن جي جوڙجڪ
4. آفيس جي ارڪان جو مدو
5. ڪميشن جو ڪاروهنوار
6. ضابطا ناهڻ جا اختيار
7. سنڌ آرڊيننس نمبر X II سال 1973 جي منسوخي

سنڌ ايڪٽ نمبر XVI، مجريہ 1973

SINDH ACT NO.XVI OF 1973

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ مجريہ 1973

THE SINDH PUBLICE SERVICE COMMISSION ACT, 1973

[5 ڊسمبر سال 1973]

هڪ ايڪٽ جنهن سان صوبي ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جوڙي سگهبي.

تمهيد

جيئن تہ اهو مناسب سمجهيو ويو آهي سنڌ لاءِ پبلڪ سروس ڪميشن مهيا ڪجي ۽ لاڳاپيل معاملا هلائجن.

ان لاءِ هن ريت ايڪٽ جوڙيو پيو وڃي.

مختصر عنوان ۽ آغاز

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ مجريہ 1973 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري نافذالعمل ٿيندو.

وصفون

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪوئي مفهوم يا جملو متضاد نہ هجي:

(الف) ”ڪميشن“ معنيٰ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو هن ايڪٽ هيٺ قيام

(ب) ”حڪومت (Government)“ معنيٰ سنڌ حڪومت

(ج) ”رڪن (Member)“ معنيٰ ڪميشن جو رڪن (Member) ۽ جيستائين مفهوم ۾ ٻي معنيٰ ڏنل نہ هجي ان ۾ چيئرمين بہ شامل ٿئي ٿو.

(د) واضح ٿيل معنيٰ هن ايڪٽ هيٺ واضح ٿيل (Rules)

ڪميشن جي جوڙجڪ

3. (1) پبلڪ سروس ڪميشن صوبي سنڌ لاءِ هوندي جيڪا ٽن ميمبرن تي مشتمل هوندي، جن کي سنڌ حڪومت مقرر ڪندي پر حڪومت ڪنهن بہ وقت ميمبرن جو انگ وڌائي سگهندي ايتري وقت لاءِ جيئن حڪومت ضروري سمجهي ۽

هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ميمبر سروس آف پاڪستان ۾ فرض ادا ڪرڻ لاءِ بحيثيت Ex_Officio ميمبر مقرر ڪندي.

(2) حڪومت ميمبرن مان هڪ ميمبر بطور چيئرمين نامزد ڪندي پر سنڌ بلوچستان پبلڪ سروس ڪميشن جا ميمبر ۽ چيئرمين، جيڪي صوبي سنڌ مان مقرر ڪيل هوندا، ڪميشن جي هن شق هيٺ 14 آگسٽ 1973 کان ميمبر سمجهيا ويندا ۽ سندن ڪيل احڪام الڳ الڳ يا گڏيل بلوچستان صوبي جي ميمبرن سان گڏ ڪيل آرڊر هيٺ هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ جهڙي صورتحال هجي، اهي آرڊر درست ۽ قانوني سمجهيا ويندا.

آفيس جي ميمبر جو مدو

4. (1) ميمبر ٽن سالن لاءِ مقرر ٿيندا،

(الف) حڪومت ڪنهن به ميمبر جي آفيس جو مدو وڌائي سگهي ٿي،

(ب) ڪنهن به ميمبر جي مقرري پوري ٿيڻ کان اڳ سبب ڄاڻائي ختم ڪري سگهي ٿي.

(2) ميمبر پنهنجي هٿ سان لکيل استعيفيٰ گورنر ڏانهن موڪلي سگهي ٿو.

(3) ميمبرن جي خدمت جا شرط ۽ ضابطا حڪومت مقرر ڪندي.

ڪميشن جو ڪاروهنوار

5. ڪميشن جا ڪاروهنوار هن ريت هوندو.

(الف) ٽيسٽ (Test) ۽ امتحان جو انتظام ڪرڻ

(i) صوبائي سول خدمتون (PCS) ۽ ٻيا انتظامي عهدا جيڪي صوبي جي معاملن سان لاڳاپيل هجن.

(ii) ۽ اهڙا عهدا، جيڪي قانون تحت ڪارپوريشن يا آرگنائيزيشن يا ڪنهن ٻئي بادي وٽ، حڪومت جي ماتحت قائم ٿيل هجي ۽ جيئن واضح ڪيل هجي.

(ب) حڪومت کي مشورو ڏي اهڙنمعاملن ۾ جيڪي واضح ڪيل هجن ۽ جن جو واسطو هجي اهڙن شخصن سان جيڪي ميمبر هجن صوبائي سول خدمتون (PCS) يا سول

عهدو رکندا هجن، جن جو واسطو صوبي جي ڪاروهنوار سان هجي.	
6. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا ۽ ضابطا جوڙڻي سگهي ٿي.	ضابطا ناهڻ جا اختيار
7. پبلڪ سروس ڪميشن آرڊيننس سال 1973 منسوخ ڪيو وڃي ٿو.	سنڌ آرڊيننس نمبر XII سال 1973 جي منسوخي

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.